# ١٠. سُنا ٻار

ٻُڌو. ڳايو، سمجھو ۽ عمل ۾ آڻيو.





سُھڻا منڙا ٻار ٻڻون،
ھردم آگياڪار ٻڻون.

ھردم سچ جي ٻولي ٻوليون،
سيوا تياڳ جون پايون چوليون،
گُٽگرا ھي گُلزار ٻڻون،
سُھڻا منڙا ٻار ٻڻون.

عيبن کان مُنھن موڙيون ھردم،
سِڪ جو ناتو جوڙيون ھردم،
جيون جو سينگار ٻڻون،
سُھڻا منڙا ٻار ٻڻون.

وير مان ڪجھ پي ورڻو ناھي،
ٻَل ٻَڌيءَ ۾ 'گھايل' آھي،
وڏڙن جو آڌار ٻڻون،
سُھڻا منڙا ٻار ٻڻون.





**نوان لفظ :**

| | | |
|---|---|---|
| هردم - سدائين | گُلزار - گلن جو باغ | ٻَل - طاقت |
| آگياڪار - چيو مڃيندڙ | عيب - بُرائي | ٻَڌي - ايڪتا |
| تياڳ - قرباني | مُنهن موڙڻ - پاسو ڪرڻ | آڌارُ - سَهارو |
| ڳٽڪِڙاهي - ڳُڻ ڳرهڻ ڪندڙ | | |

## اَڀياس

**سوال ١ : هيٺين سوالن جا جواب لکو :-**

١) شاعر هردم ڇا ڪرڻ لاءِ چوي ٿو؟
٢) شاعر ڇا ڪان منهن موڙڻ لاءِ چوي ٿو؟
٣) جيون جو سينگار ڪيئن بڻجي سگھبو؟
٤) ٻَلُ ڇا ۾ آهي؟
٥) شاعر هن ڪوتا ۾ ڪهڙو سنديش ڏنو آهي؟

**سوال ٢ : هيٺ ڏنل جملن سان لاڳاپو رکندڙ بيت جون سِٽون ڳولهيو :-**

| جُملو | بيت جي سٽ |
|---|---|
| **مثال :** اَسانکي براين کان پري رهڻ گھرجي. | عيبن کان منهن موڙيون هردم. |
| ١) دشمنيءَ مان ڪجھ بہ حاصل نہ ٿيندو. | |
| ٢) سڀني سان پيار ڀريو ورتاءُ ڪرڻ گھرجي. | |
| ٣) ٻين جون سٺيون ڳالهيون ڪٽڻ گھرجن. | |
| ٤) ايڪتا ۾ ئي شڪتي آهي. | |
| ٥) هميشه سچ ڳالهائڻ گھرجي. | |

**سوال ٣ : 'س' اَکر سان شروع ٿيندڙ لفظ لکو.** (١) ..................... (٢) ..................... (٣) .............................

**سوال ٤ : بيت ۾ ڏنل ہم آوازي لفظن جا جوڙا لکو.** (١) ................X................ (٣) ............X................

**هدايت :** ماستر شاگردن کي هيءُ بيت لئہ تال سان ٻڌائي، اُنهن کان چوائيندو.
**مشغولي :** ماستر شاگردن کي چوندو تہ 'ڳُڻوان ٻالڪ' وشيہ تي ڏهہ سِٽون گهران لکِي اَچو.

## پورڪ اَڀياس

١ . ڏنل مثال موجب چوکنڊا ڀريو:

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| سچائي | سچو | تياڳ | .......... | آگيا | .......... |
| .......... | ايماندار | .......... | سيوڪ | .......... | سُتو |

٢. هيٺ ڏنل لفظ ڪم آڻي جملا ٺاهيو :

سُهڻا، سيوا، ٻلُ، سچ